


Gul Hayat Institute

# مينهن ڪڻيون

( شاعري)

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

روشني پبليڪيشن

ڪنديارو

1999ع

ROSHNI BOOK NO. 156

کتاب جو نالو: مينهن ڪڻيون
موضوع: (شاعري) هائيڪو
شاعر:شيخ اياز
ڇپائيندڙ: (C) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن حيدرآباد
ڇاپو پهريون: 1999ع

**ILMI GRAPHIC PRINTING PRESS - KARACHI PH: 6372706**

Gul Hayat Institute

**MEENAHN KANYOON**
(SINḌHỊ HAIKU)

Poet: **Shaikh Ayaz**
Published by: © Roshni Publication, Kandiaro
Printed by: Fine Communication, Hyderabad
First Edition: 1999

انتساب

سوڀي گيانچندائيءَ
حشو ڪيولراماڻيءَ
۽
ڪيرت ٻاٻاڻيءَ
جي نالي

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

شيخ اياز سان منهنجي پهرين ملاقات خيرپورميرس جي سرڪٽ هائوس ۾ ٿي، جتي هُو غلام عباس ٻنيري جي دعوت تي ٻالڪ سنگت جي ڪنهن جشن ۾ آيل هو، هُن جي گُهور جو ڦهلاءُ نيري آڪاس تي ۽ دل جو ڏيان پنهنجي آڱرين ۾ اٽڪيل سگريٽ تي هو. اُها ملاقات ٻنهه مختصر هڪ پتنگ جي جياپي جيتري هئي، مُون اجان مس ادبي وکون کڻڻ شروع ڪيون هيون، وچ ۾ تمام گهڻو عرصو وهي ويو ۽ ڪيترين ئي لهرون ڪيترن سالن کي لوڙهي ويون. ٻي ملاقات مون سائٽس ڪراچيءَ جي پرنس ڪامپليڪس واري فليٽ ۾ ڪئي، جنهن ۾ مون سان نوجوان شاعر حبيب ساجد، امر اقبال به هئا، اُها ملاقات ڪجهه گهري ۽ ڪجهه ويجهڙي رهي، جنهن ۾ اسان ڪجهه موضوعن تي ويچار ونديا، جڏهن ته ٽين ملاقات مون شيخ اياز سان، پنهنجي شاعريءَ جي ڪتاب ”ياد جي نيري ندي“ جي حوالي سان ڪئي، جيڪو مان هن لاءِ نواب شاهه مان کڻي آيو هوس، مون سان سڪندر ملاح به هو، اياز ڪتاب جي ڇپائي ۽ ٽائيٽل جي چونڊ کي پسند ڪندي اجان اظهار به نه ڪيو هو ته، مون سندس اڳيو هڪ گذارش رکي ته مون وٽ هڪڙو خيال آهي ته، توهان جا هائيڪا ڪنهن نئين انداز سان ڇپرائجن، پوءِ مون پنهنجي خيال جي ريشمي پاند کي سندس اڳيو کولي رکيو ته، هڪ صفحي تي ٽي هائيڪا هجن، جن مان وچين هائيڪي تي هڪڙو لاڳاپيل خوبصورت اسڪيچ هجي، جنهن کي پڻ هڪ پوري صفحي تي جاءِ ڏجي، خيال جو اظهار ڪندي مون اها به گذارش ڪئي ته اسڪيچ جو ڪم دراصل آرٽ سان تعلق رکي ٿو، جنهن ڪري ان ۾ اينتري تڪڙ ٿي نه سگهندي، ڇو ته مصور جي مرضيءَ جو خيال به رکڻ ضروري آهي. مون مصور لاءِ پنهنجي دوست ۽ نوجوان آرٽسٽ اي. آر آزاد جو نالو ڪنيو، جنهن

Gul Hayat Institute

جو اياز سان هن ڪان اڳ ڪو خاص يا عام تعارف ٿيل نہ هو، نہ وري ڪو سنڌس آرٽ جو ٿيل ڪم بہ ڪو هن ڏٺو هو، بس منهنجي پيش ڪيل خيال جي خوبصورتيءَ کي ڇُهي، اياز صاحب ها ڪئي ان هڪدم پنهنجي ڊرائيور کي سڏيو ۽ کيس هدايت ڪئي تہ ڪنهن خاص فوٽو اسٽيٽ واري دڪان تي اسان سان گڏجي هلي تہ، جيئن اسين سنڌس هائيڪا فوٽو اسٽيٽ ڪرائي سگهون.

مان اياز سان مُرڪي موڪلائڻ ڪان پوءِ سڌو سانگهڙ آيس جتي اچي اي. آر آزاد سان مليس، جنهن کي پنهنجي تصور ڪيل سچي خيال جي ڪينواس جي آگاهي ڏنم، هو جنهن تي گهڻو سرهو ٿيو ۽ حامي ڀريائين تہ مان اياز جي هائيڪن تي ضرور ڪم ڪندس، جيتوڻيڪ مون هن کي هڪڙي اسڪيچ جو ملهہ صرف ايترو ڏيڻو ڪيو، جنهن مان مس هو مس قلم ۽ پنو ئي خريد ڪري ٿي سگهيو. پر مون جيان هن لاءِ بہ شيخ اياز جو نالو وڏي مان وارو نانءُ هو، جنهن ڪري هُن وڌيڪ ڪي بہ شرط ڪونہ رکيا، اهڙيءَ طرح هن اسڪيچ ٺاهڻ ۽ مون ان جي پيش رفت ڏسڻ لاءِ پئي پنڌ ڪيا، ٻئي طرف اياز صاحب کي جيئن تہ ڪتاب بابت گهڻو الڪو هو، تنهن ڪري هن ستار پيرزادي معرفت مون ڏانهن بہ ٽي نياپا ڪيا تہ ڪتاب جو ڇا ٿيو؟ هيڏانهن مون پئي سوچيو تہ گهٽ ۾ گهٽ سئو اسڪيچ تيار ٿي وڃن تہ مان اُهي هڪڙي ساهيءَ ڪٽي وٽس پيش پوان، نيٺ هڪ سال جي گذرڻ ڪان پوءِ مان وٽس تقريبن هڪ سئو اسڪيچ ڪٽي ڪراچي پهتس، مون سان گڏ نوجوان شاعر سرتاج جاگيراڻي بہ هو، اسڪيچ ڏسڻ ڪان پهرين اياز مون تي ڪاوڙجي پيو، پر جڏهن هڪ هڪ ڪري اياز اسڪيچ ڏٺا تہ مون ڏانهن پيار جي مُرڪ اڇلائيندي چيائين، مون کي اها خبر نہ هئي تہ ڪو هي تون ايڏو وڏو ڪم منهنجي شاعريءَ تي ڪندين، ۽ پوءِ هن مصور جا تفصيل پڇڻ شروع ڪيا، ۽ هن جي ساراهہ ڪندي چيائين تہ سچ هي آهي تہ آرٽ جي ناليءِ ۾ ننڍي ڪنڊ ۾ خاڪ ڇاڻي پئي وڃي، هي تہ ڏاڍو ڪو خوبصورت مصور آهي، جنهن منهنجي هائيڪن کي روشني ڏئي، اُهي جيئرا ڪري ڇڏيا آهن، مان پيش لفظن ۾ هڙي مصور بابت ضرور ساراهہ جا لفظ چوندس. پر وڏو افسوس تہ اياز پنهنجي ان هائيڪن جي ڪتاب ”مينهن ڪٽيون“ جا نہ باقي نهيل اسڪيچ ڏسي سَگهيو، نہ وري ڇپيل ڪتاب، جنهن جو الڪو اياز جيان اي آر آزاد کي بہ هو؟ جڏهن اياز اسان ڪان وڇڙي ويو تہ، مون ڪان بلڪ ڪيترن ڪان وڌيڪ صدمو آزاد کي رسيو، ڇو تہ هن جي اندر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اها ڪلپنا هئي تہ ننڍي ڪنڊ جو مها شاعر جڏهن پنهنجن

Gul Hayat Institute

هائيڪن سان گڏ سنڌس اسڪيچن کي ڏسندو تہ يقينَ اهو هن لاءِ وڏو اعزاز هوندو، جنهن کان هو محروم رهجي ويو.

سچ اهو آهي تہ اي. آر آزاد تمام گھڻي موهہ ۽ پيار مان اسڪيچ ٺاهيا آهن، جنهن کي ڏسي اکين جا احساس سراپا اڏامَ جو تصور بڻجي وڃن ٿا، پر انهن جي ڇپائيءَ لاءِ اڃان هن کي ڪجهہ انتظار ڪرڻو آهي.

ڇو تہ اسان جي پياري علي نواز گھانگھري روشني پبليڪيشن جي پبلشر جو خيال آهي تہ، پهرين شيخ اياز جا هائيڪا ڇپجڻ گھرجن، ڇو تہ، بنيادي اهميت هائيڪن جي آهي. جيڪڏهن پهرين ئي هائيڪن سان گڏ اسڪيچ ڇپبا تہ هائيڪن جا احساس پس منظر ۾ هليا ويندا. سو هائيڪن جي ڇپجڻ کان پوءِ اسڪيچ ڇپجڻ گھرجن تہ جيئن شاعر جي هائيڪن جي بنيادي اهميت قائم رهي. مون کي هن جي خيال سان ان ڪري بہ اختلاف ناهي جو هُو بيءَ ويهڪ ۾ اسڪيچ ڇپائڻ جو خيال رکي ٿو، جن جي پڻ هائيڪن جي ون ۽ واس جيان الڳ اهميت آهي، پر انهن جو Thought وري بہ هي هائيڪا ئي آهن، جن جي تصوريت آزاد کان اسڪيچ ٺهرايا آهن.

اياز جي سچي شاعري سون آهن، ان ۾ ڪٿي بہ مٽ ناهي، مون هنن هائيڪن کي ور ور ڪري پڙهيو آهي، جن ۾ اياز نوان تجربا بہ ڪيا آهن ۽ ڪيترا هائيڪا چند کان هٽي علم عروض تي بہ لکيا اٿس، دراصل اياز پنهنجي شاعريءَ جي راهن تي ان پوپٽ جيان هو، جنهن کي اُڏڻ ۽ ساهي کڻڻ لاءِ ڪنهن گل کان يا گلن جي ماليءَ کان آگيا وٺڻ نہ پوندي آهي. جنهن ڪري شيخ اياز پنهنجي شاعري ۾ مسلسل تجربا ڪندو رهيو، جنهن کي اسين سنڌس ڏيڍ سٽن کان وٺي هنن هائيڪن تائين محسوس ڪري سگھون ٿا. اياز جي هنن هائيڪن جي فڪري گھرائيءَ، نازڪپڻي ۽ خوبصورتيءَ بابت مان ڪابہ سٽ نٿو لکان ڇو تہ اُهي پنهنجي آرسي پاڻ آهن، جن کي ڏسڻ سان خود اکيون ان رسائيءَ تائين پڄي وڃن ٿيون، جتي اياز رسي اُهو حُسن محسوس ڪيو جيڪو يا تہ خوابن ۾ هوندو آهي، يا وري اياز جي شاعريءَ ۾.

وسيم سُومرو

حيدرآباد

23 جولاءِ 1999ع.

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو .

Gul Hayat Institute

شفق جو ليڪو
چڻ جنديءَ تي ڏورڙو
آهي ڪانيءَ جو.

○

ڪتيءَ توڙي مانگهہ
آهي پوئين پهر ۾
مونکي تنهنجي تانگهہ.

○

Gul Hayat Institute

نچن ٽپن ٿا
تو جهڙا شاعر ڪئي
ڪنهن کي لڀن ٿا؟

○

هڪجهڙو انسان
جهڙو پاسو تون ڏسين
ٿرُ يا چولستان.

○

ڪاٽي پَنڌ ڪُتي
ڪِٿن چٿجي ڪنهن جاءِ تي
پنهنجي تند تُتي!

○

هئن منهنجي ٻتقدير
آهيَ گنجراٽي ڇڏي
ڇالئہ تو ٻڪشمير؟

○

Gul Hayat Institute

جڻ ڪا ڪانچ ڳڏي
هي دنيا جا اوچتو
تالان والان ٿِي.

○

چو اي منهنجي ڏات
ايڏي ڪمزوري هئي
تنهنجي عورت ذات؟

○

ميان، مان وهمي!
توکي پنهنجي پاڻ لئہ
ڪيڏي خوش فهمي!

○

درد وَيو وسري
ڏس، هُي ليڊي ڊاڪٽر
ڇَڻ جهڙي مصري.

○

Gul Hayat Institute

ڏارو ڏارين تي
اُڪرَيءَ ڏي ايَندا ڏسي
ڪانگ اڏارين تي.

○

ايمرجنسي وارڊ
ڪير اچڻ چاهي پيو
ڪنهن جو آهي ڪارڊ؟

○

ماڻ منهنجو بستر
ڪيڏي سهڻي ترس آ
ڇڻ ڪو ڪبوتر!

○

من موهي ٿو منڊ
آڱريون ڇڻ مينهن جون
ڇُهن پيون چنڊ.

○

گهر ڪيئي تڪرار
مان ۽ منهنجي شاعري
مان يا منهنجا ٻار!

○

مينهن
ڪٽيون

Gul Hayat Institute

ڏينهن اچانڪ ٿيءُ!
گذري ويندينءَ نيٺ تون
رات پيانڪ ٿيءُ!

○

ڪيڏيون تباهيون!
آهن ساريءَ سنڌ ۾
باهيون ٿي باهيون!

○

هيئن هٿين خالي؟
مون پانيو پيغام آ
پر هي ٿپالي...

○

Gul Hayat Institute

پڌري ٿي پريات!
آخر رهندي ڪيترو
هيءَ پيانڪ رات؟

○

وَج، وج مينهون چارِ!
آنءُ نہ تولئہ تار کي
پيهر ڪندس پارِ.

○

ڪڪر ڏس ڪارا!
جهڙ ۾ جهڪمن ڪينِ ٿا
هاٽي تہ تارا!

○

ٿان منڊ رنو
ميچي ڦاٽي چار ۾
هيٺان سمنڊ رنو.

○

Gul Hayat Institute

”ماڪ ڦڙا ڪيڏانهن“
”هو جُي گُلّ گلاب جا
خوشبو آ جيڏانهن.“

○

ڪنهن ۾ اڪ ڪُتّي
جنهن کي سوسيءَ جو وڳو
ملتاني جُتي.

○

اڄ تائين مون سار
ڪنهن جو اڳت زيشمي
سوسيءَ جي شلوار.

○

من ۾ ڇا نہ امنگ
هُو ڇا شفق شام جي
گربيءَ جهڙا رنگ!

○

ماٺ بہ ايڏي ماٺ
هاڻي ڪجهہ چپ چور تون
توڙي ڪائنون ڪاٺ!

○

Gul Hayat Institute

ڪنهن سانِ لئوَ لاتئي
ڳاڙها ڳانا پَٽّ جا
ڳچيءَ ۾ پاتئي؟

○

مچيون ڳولن ٽيون
هيڏي ساريءَ سَمنڊ ۾
ڪنهن کي ڦولن ٽيون؟

○

چڙ چاٽي واٽي
هن ساري سنسار جي
ڪوڙي ڪهاڻي!

○

Gul Hayat Institute

هي جا عِشا بانگ
پيا پئي اُپّ ۾
جنهن جا دور ڇلانگ!

○

مينهن
ڪٽيون

گذري رات وئي
ڪئن آ مندر گهنڊ تي
پوپٽ ننڊ ڪئي!

○

آهي ڄڻ ته چراغ
پيشانيءَ جي طاق تي
هو تهجد جو داغ!

○

اي ازلي آواز!
چو سپ حيرت ۾، پڙهي
مون جنهن وقت نماز!

○

ساري رات سماع
پٽ ڏٺيءَ جو وجد ۾
پوئين پهر وداع!

○



Gul Hayat Institute

آهي ڪي قوال
ڪجهہ بہ نہ جنهن جي پيٽ ۾
سارو مال منال؟

○

آهي اِذان ويرُ
هوءَ پئي مٿان مصلي
تاهي گهگهي گهير،

○

توڪي وِچ وجود
روئي ڪري جئن پڙهيُ
ساري رات درود!

○

Gul Hayat Institute

ڇا هِي منهنجو ديس؟
ڇا هِي ديسي آهہ جنهن
پاتو منهنجو ويس!

○

وَجِّ هٽن تا ٻون
هن اونداهيءَ رات ۾
سارو وقت مِرون.

○

هِي پاٽيءَ ۾ گهرَ
منجر پڇي مانڙي
پرسان ساوا سَرَ!

○

هيءُ تہ آ ڪجهہ اور
ڪالهہ ڏنو تني وائڙو
ٻُلّي شاهہ لهور!

○

Gul Hayat Institute

اڄّ بہ مٺا ٻارَ
ڊالر اگهہ چڙهي ويو
روزاني اخبار.

○

نيٺ تہ پڪڙي پيهہ
هُئي رستي تي لاش وٽ
ڪيڏي ڳپّا گيهہِ!

○

هاڻ نہ اِن ڪي سارِ!
اُن جو ٻالو ڇو رکيو
تو دلي بازار؟

○

ڪيڏا مرن ٽا
پو بہ شهر وهئي پيو
پو بہ نہ ڏرن ٿا!

○

Gul Hayat Institute

سَرءُ واءُ، زمين
پن ڇڻيان جيئن واءُ مان
چوڌاري قالين.

○

ڦِٽي منٽي ننڍ
وڃن پيا واءُ ۾
ڪيڏا سَرءُ گهنڊ!

○

ڏس هي ماڪِ ڦڙا
ڪنهن تہ گلابِي ويس تي
پريا هِيئن ٻُڙا.

○

ڪيڏي چانڊوڪي؟
شاعر پنهنجي ڪلڪ چو
اڄ آهي روڪِي!

○

Gul Hayat Institute

ڪڪر مينهن منجهان
ڪارونجهر جي ڪورَ تي
دل چيو "وڃ نہ هٽان"

○

جيسين سڄ اُيارَ
آڏيءَ جو خوفائتا
ڪيڏا هيٺ اُتارَ.

○

ڇا هيءَ منهنجو ڦِط
جنهن مان تيزيءَ سان وهيو
آهي منهنجو رَتِ!

○

ڇا ڇا جهلڪا هير جا
ڪنهن ڦلواڙيءَ ۾ اِهي
اڄ وارا گُل ڪونہ ها!

○

Gul Hayat Institute

ماڻِ، اِنهيءَ کي ماڻِ
هي جا گهاٽي مينهن ۾
سانوڻ جي سانواڻ!

○

نيٺ صدي اِڪويهہ
ڳاڙها گُل گلاب جا
ڪونہ رهيا تشبيهہ.

○

چا ڇا سارون مِن
جڏهن ڪتيءَ مينهڙا
سانجهيءَ ويرَ سِمَن.

○

مذهب ڪمَ آيو
ماديّت ڪنهن ڪَي جڏهن
ڪُلهئون ڪيرايو.

○

ميان، هي بوتل!
مٿان جهڙ ڦُڙ اُپ جي
جيءَ نہ اچي جَهل.

○

Gul Hayat Institute

چو ٿو ڪاٿين خار،
توئي پاڻ ڏکي ڪري
مون کي ڪيو ڏار.

○

اي اسلام آباد!
مون، ڪنهن ڪنهن سان ڪار ۾
بارش آئي ياد؟

○

تازو ٻُور، هواءِ!
مون گهر پرسان جا هُئي
نِمّ ڪيئه ڇالاءِ؟

○

تو لاهي تالهيون
کهڙيءَ آس اُميد جون
ڳوٺن ۾ ڳالهيون؟

○

Gul Hayat Institute

هيءَ ويسوڙي واند
کهڙي جوني آسري
کهڙيءَ کُوڙيءَ کاند.

○

دير نہ وِجُھ تو سُنهن
تولئہ وَنيءَ وَاندِ مان
ٻاهر نڪتو مُنهن.

○

اوندهہ مَنجهہ چِتيون
آهن سانوڻ مينهن ۾
ڪنهن جون ڪاَر – ٻتيون؟

○

Gul Hayat Institute

ماءُ نسورو پيارُ
ڪاٰئي جهوپيءَ ٻاهران
چانهين لاڙِي ٻارُ.

○

ڏِس، هي ڪير هُئو؟
تڙ تڙ سان بندوق جي
جيڪو آهه مئو.

○

هيءَ ڪلاشن ڪوف
دهشت گرد لهولهان
ء چؤطرف خوف.

○

وسريا واهيرا
واري وڻ طوفان ۾
ڪهڙا آکيرا!

○

Gul Hayat Institute

مون ڪي هي تسڪين
تولئه منهنجي شاعري
آ ديوار چين.

○

پَلّ اُڏامن ٽا
ڪان ڪان ڪري واءُ ۾
اَلّ اُڏامن ٽا.

○

ڪيڏو مَنُ - اُلجھاءُ!
سَرءَ، سانجھيَ هيڪلي
پن ڇڻ وارو واءُ.

○

ڪيڏو اُترڙو
واءُ گُهلي ٿُيَ هيڪلي
پکيءَ نہ پرڙو!

○

Gul Hayat Institute

جيئڻ وِھہ پيئَڻ
چئن نہ ڪو آرام آ
هي ڪھڙو جيئڻ!

○

هاڻي آنءُ نہ آنءُ
هاڻ تہ منهنجو سار مان
ڊاڪي ويو هانءُ.

○

ڇو تون ويڳاڻو
ٻيا سڀ ساٿي اڄ جا
تنهنجو سياڻو

○

هي سامهون ڇاهي؟
واءُ گهلي ٿي هيڪلي
ڪوئي نہ آهي.

○

سانجهيءَ جي ٽاڻي
ڇا لئہ منهنجي اڄ پئي
پينگ وسي پاڻي

○



Gul Hayat Institute

هِلون هيل هزار
اڄ نہ ڪنڊيءَ وڻ مٿان
ڳيزن جي ڳٽڪار.

○

جيڪا گهڙي آهہ
توکان سواءِ آنءُ ٻي
هر شيءِ تڙي آهہ.

○

توکي واريان آنءُ
منهنجا سپنا جيئري
توکي ماريان آنءَ!

○

Gul Hayat Institute

جيئڻ مرڻ تون
منهنجو هن سنسار ۾
پيهر ورڻ تون.

○

مينهن ڪيا تذڪارَ
ٻيرَ ٻِيلا گُلڙا
لوڙهي پرسانْ ٻار.

○

مون سان ڪيائون
جيڏيون جُنيون سنڌ ۾
وري نہ آئون...

○

سچ سچو سنسارُ!
هٿ ۾ پوڙهي هٿ – ٻتي
اوندهہ انڌو ڪارُ.

○

تون ڄاڻين ٿو ڪيئن
يارب آنءَ ڇمار ڪي
ڪاتيو مارُن سِيئَن!

○

Gul Hayat Institute

منهن تي مون زردي
پر ماڻهو هن ديس جا
ڪيڏا بيدردي!

○

تڏهن آئين يار!
جڏهن ڏٺئہ مون مٿان
مٽيءَ تي مينار.

○

”مون جئن بڪيڙو.“
نم تان ڪانوَ ڏسي چيو
ٻارن جو جهيڙو.

○

آ ڪيڏي برسات
ڌرتيءَ مٿان نورَ جي!
مديني جي رات.

○



Gul Hayat Institute

ايڏي دير نہ لاءِ!
اڄ، پنهنجو کھنبو رَئو
گربي سُڻَڻ پاءِ!

○

واريءَ جا وسڪارَ
جنگ بدر هت لڳي
واهُ عجب اِسرار.

○

ڏس هي گھوڙي سوار
پوڙھو پيءُ ڪرونڊڙو
ٻڍيءَ مٿان ٻار

○

Gul Hayat Institute

پھتو هان ڪاڏي؟
آنءُ ادب سان.. تو ڏسان
غارِ حِرا ڏي

○

اجهو وِهاڻي
جڳ مڙيو ئي سپنو
آسو آڪاڻي.

○

پوڙهي کي وِڃڻو
اندر ڪيڏي ٻُتّ آ
وائک جو جهوتو.

○

پُڇ نہ، مونکان ڇو نہ؟
اڏِي ويو جي هيٰ پکي
موٽي ايندو ڪونہ.

○

Gul Hayat Institute

ڪوئي اهڙو ڏينهن
ناهي تنهنجي شاعري
پاندبيچريءَ مينهن؟

○

ڳُهڳهيءَ ٽِڙيءَ ۾
ڪيڏا گيت ڪَنا ٽِيا
ٽانگر ٽِڙيءَ ۾!

○

مٽن تي دِلا
هيٺان پاڻيءَ ۾ پُسن
گهڳها گِهر گِهلا!

○

ميان تون ڪوڙو
توڙي تنهنجيءَ ٻانهن ڪان
پڪو آ چوڙو.

○

Gul Hayat Institute

آنءُ نه ڄاڻان، پَر
ڪهڙا تنهنجي ديس جا
ڳنل ۽ ڳوُلر.

○

وڻ بہ ڪيڏا وَڻ!
مٿان ٻيرن ڇانو آ
هيٺان ٻَڪرين ڏڻ.

○

ڇو سارين ٿو، تون
جيڪا ڪالهہ قنوج ۾
مولسريءَ خوشبوءِ؟

○

گونجي ڪونہ مڪان
ڦهلي ڪالهہ بلالؔ جي،
اُڀري جيئَن اذانِ.

○

Gul Hayat Institute

جيئَي شال جيئَي
هي جا ننڍڙي ٻارڙي
اَمڙ ڪير پيئَي!

○

ميان اچانڪ!
ڇُرا هنيئہ سانت کي
ڇو ايڏي بڪ بڪ؟

○

واهڙ جو سوچيئہ
تو جو ڇوڙي ڇيلڙي
بگهڙ جو سوچيہ؟

○

تون ٿو ڳولين مَڇُ
توکي کهڙي پوجهہ چا
آهي سَچُ اَسَچُ.

○

Gul Hayat Institute

هتان وڃ نہ نِرهہ
آئين ڪيڏي دور تان
ميان، هيءُ گِرهہ!

○

ڏؤنرن ڏارَ نہ پُل
توڙي تنهنجہ هائڪو
جهڙو چيريءَ گُل!

○

تون ئي ساهڙ ساهَہ
ڪاري رات ڪچو گهڙو
دڙ لاتا درياهہ.

○

دور ائين نيندو
سرتا! شاهہ لطيف جيئن
ڪو شاعر ٿيندو؟

○

ڏاڍو ڏور عقاب
چاهي پيو چهنب ۾
چايان مان مهتاب.

○



Gul Hayat Institute

تن جي خوابن سان
تون اڄ وچڙين ٿو پيو
ڪيئن عقابن سان؟

○

ٿي شام ته آکيرو
چڙ باز پيو ڳولي
هي پونءِ مٿان پيرو.

○

مهتاب ڇڏي ويندين
جنهن وقت مري ويندين
ڪجهه خواب ڇڏي ويندين!

○

Gul Hayat Institute

اکين چيو، ”چُلُ
سامهون ڪيڏو سمنڊ آ!“
پر هي شور وَ غُل!

○

اکيون وِچّ عقابن ۾
منهنجي ڇو گذري وئي
ساري عُمر عذابن ۾؟

○

بيگاريءَ جي ڪَڙَ
ٿبي پُل هيئان ڏئبي
پريانِ ڪهڙا ٿَڙَ؟

○

ڪاڏي وڃين ٿو؟
اڳتي رستا اوپرا
مورُ نہ مڃين ٿو.

○

Gul Hayat Institute

مان ۽ هي مانداڻ
جيئنِ هرڻ ڪوڙڪيءَ
ڇڪي پنهنجو پاڻ.

○

ڏُکَ ئي ڏُکَ سَهندو
منهنجو روح رباب جئن
وڄندو ئي رهندو.

○

اکّ ڏسي آڏيءَ
هن ڇو پنهنجي مڙس کي
هٿ وڌو ڪاڏيءَ!

○

ڊَڪّ ڪٽي ڇاڏيءَ
پوٽيءَ کي ڏونٽرو ڏنو
پيار منجھان ڏاڏيءَ.

○

ڪيڏو اوچ لڪَن
منهنجي وات وجي پئي!
ڏاگھن پيرَ ڏکن.

○

Gul Hayat Institute

هيئن مري يا هونءَ
ماٺهو نيٺ مري وڃي
ڇا لئہ ڪنبي لُونءَ.

○

اُنن تي جهوتا
ڪيڏو رستو تنگ آ
ٻوڙن رانيوتا!

○

ڪيڏو سيءُ، اُلاءُ!
چوڌاري وينا اچي
ياءُ سڃاتو ياءُ

○

Gul Hayat Institute

آمّا او آمّا!
ڇاجي لاءِ ڇٽيو ھُيئہ؟
هي لوڏا لمّا!

○

اطلس جهڙو وهُ
مجلس اُن جي ڪَڙ مٿان
چوياريءَ جو چاهہ!

○

ڪتيءَ ڪکر جيئن
هي جو ڏنگا ڏينهڙا
گذري ويندا ائين.

○

”توکي لڳو ڪيئن؟“
”ماڻهو پاڇا موت جا
پردي مٿان جِيئن.“

○

ياڻوُ، ڪو آٿتّ؟
موت وسي ٿو مينهن جئن
سارا نالا رَتُ.

○

Gul Hayat Institute

ٹُلڪن تا توَلا
ڪلفٽن جي بيچِ تي
بجليءَ جا گولا.

○

چوڏاري اَنڌيرُ
سياسي ماڻهو شَهر جا
چڙ ڪاريءَ تي پيرُ.

○

زالون توڙي مرد
ڪمري ۾ ڏيمي بتي
ڪيئي دهشت گَرد.

○

Gul Hayat Institute

گهٽيءَ ۾ فانوسُ
پاڻ لڪائي ٿو وجي
حلقي ۾ جاسوسُ.

○

تن جي پيڙا ڏس!
ماڻهوءَ من ۾ ڪيترا
آهن ڪيڙا ڏس!

○

گويا ڙي گويا!
ڪالهه ڪراچيءَ شهر ۾
لاش پئي لويا.

○

اکيون جي اڙجن
تولئه پنڙا پيار جا
گهڙيءَ ۾ گهڙجن.

○

Gul Hayat Institute

ڪيئن وساريان ڏينهُن
هو تنهنجون آليون ڇڳون
جن مان ٽپڪيو مينهن.

○

هو جيءِ اَچي ها
ڏاڍو مڏ متو هيو
ميڙو مَچي ها!

○

پاڇا اُڏرن ٿا
هي منهنجي ديوانگي
ڇا ڇا اُڏرن ٿا!

○

هر پوڙهي مانجهيءَ
آهي نانءُ الله جو
سِڙُه جيئن سانجهيءَ.

Gul Hayat Institute

○

ڪيڏو هيڪل آنءُ
مون کي ڪوئي ڏيڏ ڏي
منهنجو هيٺو هانءُ.

○

تو ڇا سوچيو هو؟
ڇا تو هِهڙيءَ لوءِ لئه
ايڏو لوچيو هو؟

○

آن ۾ نه ڇاتو هو...
مستقبل ۾ ڪنهن پلا
ليو پاتو هو؟

○

راتڙيون، سُس پُس
پاهر در مان اوچتو
جهاتڙيون، سُس پُس.

○

Gul Hayat Institute

دل جون دوائون
ڇن جو اثر ڪونه آ،
ءِ پو دعائون.

○

چا لَئہِ لنوِيو ڪانگُ ؟
منھنجيءَ دل ۾ ڪونہ آ
اِڄ تہ سفر سانگ.

○

منھنجي دُعا منجھہ
اُھي سڀ انسان ھا
جيڪي آھن ڏنجھہ.

○

مٺان مماتي!
آنءُ ڪٿي سمجھو اڃان
ڇاھي حياتي!

○

ڇڻ نہ ڏماڪي تي!
مان تنھنجي ٻيڙھيءَ مٿان
پھرين ڏاڪي تي.

○



Gul Hayat Institute

آنءُ تہ صلح ڪُل
ڪيڏا تپش ڏينهڙا
ڪوسِي واءُ نہ گُهل.

○

اڄ اي آزادي!
سِڄَ ڏني آڪاس ۾
ڪنهن جي منادي.

○

دَرِ دَرِ دُهل وڄن
ڪيڏو ناچ ڪندي پيا
پنهنجا پير ڪڄن!

○

Gul Hayat Institute

هيٺ نِوائي سِسُ
پنهنجيءَ رسيءَ تان ڪڏهن
اندو ڪوھ بہ ڏِسُ!

○

پاڻيءَ انت نہ پارُ
پنهنجو ٻيڙو سِير ۾
تون ئي تارڻهار.

○

هو ڪعبي تي چنڊ
مان ويٺو هانِ ڪُنڊ ۾
مٿان گهوري مَنڊ.

○

ڪجھ بہ ماڻهوءَ وَسِ
آهي ساڳي روهڙي
ٻيڪس؟ ڪِٿِ ٻيوس؟

○

Gul Hayat Institute

ڇا جي. ايم. سيد
آهي تو وٽ اڳ جيان
اَڄُ بہ مُقيّدُ؟

○

کهڙا نيتارا؟
کوس گهرن تي کيترا
هٽين لامارا.

○

ڪالهہ جوانيءَ ۾
ڪنهن سان راول ڏئمر تي
ڪشتي رانيءَ ۾.

○

گويا، ڙي گويا!
هتان جيئن اسپين ۾
لاش ڪڏهن لويا؟

○

شيلي، ڙِ شيلي
منهنجي تو جئن زندگيَ
ڪيڏي اڪيلي!

○



Gul Hayat Institute

زولا، ڙي زولا!
منهنجي ساري زندگيءَ
تو وانگر رولا.

○

پرجي آيو هاڻ
ڪنهن در ڏيان دانهڙي
کهڙو ڏُکي آڻ.

○

اوهي پهي ڪونہ
پنهنجي پيرن تي ڪَڙيِ
آهي وهي ڪونہ.

○

Gul Hayat Institute

فردوسي، طوسي
اڄڪلھ تي ايرانَ ۾
واهُ لڳي ڪوسي!

○

اڄڪلهہ گوليءَ ۾
مان جو ڪجهہ توکي چيو
ڪالهہ پروليءَ ۾.

○

تو تہ چيو "سڀ هيئن؟
پر تون تتر ڪارڙو
ٺاهي سگهندين ڪيئن؟

○

ڇا مون کي ترتانءُ
هاڻ ڪراچي کي ڇڏي
ڪاڏي وڃان آنءُ؟

○

Gul Hayat Institute

آيو ڪجهہ جيءَ ۾
آنءُ هليو ويس اوچتو
مسجد نبويءَ ۾.

○

پروانا سڀ ماتِ
پويان پڙڪا شمع جا
جيسين ڪُٺي رات.

○

نانا، او نانا!
ڇا اڄڪلهه گذري ويا
تنهنجا زمانا؟

○

اُجيءَ اک آڏيِ،
ماهيڙياڻيءَ ڪڇ ۾
لسيءَ جي ڇاڏي.

○

Gul Hayat Institute

ڏاڏا، او ڏاڏا!
تنهنجا اڄ پهاڙ ۾
ڪيڏا پڙاڏا!

○

او منهنجا الله!

تنهنجي منهنجي وچ ۾

اڄ ڪيڏا درياهہ!

○

چنڊ ڪيو جو سڏ

ڪير ٽر تي ڳڌ جو

ڏس هي گهايل هڏ!

○

ڪارونجهر تي مورَ

سوچيو آهہ پهاڙ جي

ڪيڏي ترِيچي ڪورَ.

○

Gul Hayat Institute

سِگَ نہ سَرهہ تاڻ

ڇو ٿو وڏين چنڊ ڏي

ڇو نہ مڃين تو آڻ؟

○

مون چيو ”توِن ڏُز؟“ چي
”بگهڙ اوناڙي ڪَري
ڪيڙيءَ ۾ ڪُرچي“

○

هي دنيا جا ڪمّ!
اُتي چيلهه ٽڏي ڪئي
جيڏي برسيا بمّ!

○

ڪنڊا ڪنڊا سيَڙهه
توان جي هاتار سان
ڪاٺ ڏني آ ويڙهه!

○

ڪا شيءِ وسامي
پيهر ٻرٽي ڪانه آ
هاتيدر سامي.

○

Gul Hayat Institute

ڇا تو ڏٺي هيل
اڳ جئن ساڳي آ اُتي
لکيدرَ رابيلَ؟

○

ڄاڻن ٿا نادان
ڪراچيءَ ۾ ڪيترا
آهن قبرستان؟

○

سِٽون اِئن ساهہ
ميِيون جئن درياهہ مان
وَهِي اِچن واهہ.

○

Gul Hayat Institute

پَرَ ڇو پٽيائون؟
پوپٽ جيئن اڏار ۾
هيس ڪلهہ آئون!

○

موت وڏو ماري
تنهنجون ڪيڏيون ڪوڙڪيون
دنيا هَچاري.

○

آ حيرت طاري
گلّ لڪائي ڪيترا
تِي ٿارِي ٿارِي!

○

مون جو ڇيو ”ڪيئن؟“
گُل، ڦُڙن ۾ ماڪ جي
ٽِڙي ڇيوّ ”هيئن!“

○

ڪنهن ڪنهن ماريندؤ؟
ڪيسين پنهنجي موت جو
ٽاٽو ٽاريندؤ!

○

Gul Hayat Institute

شايد ساريدءِ
مون جو ٻارڻ ٻاريو
تنهن تي گڏ ٿيندءِ.

○

ڄڻ تہ ٻُڏو سنسارُ
ڪيڏي ڇولي ننڊ جي
جنهن جو انت نہ پارُ.

○

ڪيڏي رتوڇاڻ
رستا ڏُٻا رت جا
ڪنهن ڪي ڪنهن جي ڪاڻ!

○

گُڙن پيا گهنڊَ
مون کي ڪيڏو ڏُور تون
سڏين پيئي ننڊَ.

○

Gul Hayat Institute

توکي ڏينهن پيا
پونگي ڪالهہ پُري وئي
ڏاڍا مينهن پيا.

○

پُون پُون سارا تَر
ڪنهن ڪنهن گهر بجليءَ پڪو
ٻهراڙي مَڇَر!

○

چندُ مٽانئس زرد
هو جو ڳليءَ موڙ تي
آهي ذهشت گرد.

○

Gul Hayat Institute

ڏرتي، او ڏرتي!
تنهنجي ڪارڻ ڪيتري
پيڙا مون وَرتي.

○

ڪيڏا ٿاڪوڙا!
ڪالهہ اِئين ماٺهو مُئا
ڄڻ ڪي ماڪوڙا!

○

ڇرِ ۾ سرگوشي
لاش وچن ٿا وَئن تي
ڪيڏي خاموشي!

○

گهاٽو اُڏاٽو،
ڇا اڄ ڪنهن راڪيٽ سان
ٿاٽو اُڏاٽو؟

○

ماڻهو يا سايا
اورنگيءَ ۾ ڪيرِ جي
لاشَ ڪٽي آيا.

○



Gul Hayat Institute

نينگرَ، ڙي نينگرُ!
آهن تنهنجي لڪّ جي
واٽن ڪيڏا وَر.

○

سامهون آهه ڏَڙو
چڙهي پيئي نينگري
ڪٽي چيلهه گهڙو

●

ايڏو ڏورِ نه ڪاهِ
ڪيسين چڙهندين چوٽيون
هاٽي پيرَ نه ساهِ.

○

پير وڃي تيڏانهن
آهي اڳتي ڪَربلا
جو به وڃي جيڏانهن

○

Gul Hayat Institute

جيڪي ليڪَ لِکيو
ٽڪجي تنهنجيءَ واٽ ۾
ويهڻ مون نہ سگھيو.

○

آلُٽ ڪان پوءِ ويرَ
ويرَ پٺيان آلُٽ
ماڻهوءَ جي تقدير!

○

ڇا هِي مُنهنجو بخت؟
آهي ڇايا ڪان سوا
مون تي جو بہ درخت!

○

سارَ، سِياري سيءُ
ٻاهر ڪھڙيٰ مونجھہ آ
اونهاري جي هيٰءُ؟

○

Gul Hayat Institute

ڪئن نہ ٻَنين ٻڳهہ
ويٺا آهن اُسّ ۾
توڙي اُڏرڻ سَگهہ!

○

پوپٽ! تون ڪيڏانهن
اُڏري وئين واءُ ۾؟
مون تہ ڇيو هيڏانهن...

○

ڪيڏيون چانڊوڪيون!
ڇو تو وسري شاعري
شاعر ڪهڙو تون؟

○

ڪارَن ڪانوَن هُلَ
۽ هو املتاس جا
پيلا پيلا گُلَ.

○



Gul Hayat Institute

ماڻهو مري نيٺ
ڪارا ڪٽڇي واءُ ۾
سايون ٿاريون هيٺ.

○

ڇا تي ڇرڪين تون؟
سينگاريءَ اوچو ٿيو
پاڻيءَ ۾ لهرون.

○

اُسّ هئي ڪارِي
رڳو ڪولهڻ ڳيچ ها
جن تي نہ واري.

○

Gul Hayat Institute

سائيءَ ڇنيءَ جيئن
بيٺو آهي وڻ مٿان
لٽا پڃن ڪيئن!

○

گاڏي ڪُٺارو
جنهن تي اُڏري پَؤنترِي
پيهرَ وَسڪارو.

○

واري نہ واري
ايڏيون پتر ڦلڙيون
ڦهليون چوڌاري.

○

ڇا ڪو آهي گهات؟
ڇا ڪو تارڻهار آ؟
منهنجا لڳ اُچاٽُ.

○

Gul Hayat Institute

موهيو ٻُڏاپي
جيئڻ منجهان جيءُ ٿو
ڏاپي نہ ڏاپي.

○

تَنّ سگھارو تيئن
نانءَ محمّد جو هيو
آبِ ڪوثر جيئن.

○

پيئڻ ڪاڻ لاءِ
نہ، نہ ميان رَبّ کي
آهين پائڻ لاءِ.

○

هيءَ ڪهڙي جهاتي
جنهن سان بي معنيٰ لڳي
ساري حياتي!

○

Gul Hayat Institute

ٿانءَ نہ ٿيندس مان
ساڳا پنڌ پهاڙ جا
توڙي ايندس مان.

○

ماڻهو هِنيلو
توڙي هو سَڪرات ۾
سارين جو تيلو.

○

ڪيسي ڪَهندس مان
نيٺ ته پنهنجي واٽ تي
ويندي ڍهندس مان.

○

ڪيڏو منهن پِيلو
هن جو سامهون موت جي!
ماڻهو هنيلو.

○

Gul Hayat Institute

آهه ڪراچي ڪيئن
ماڻهو روز مرن پيا
مينهن وَساڙن جيئن.

○

ڪوئي ڏڍُ نہ ڏڍُ
ٻاهر هلن گوليون
چانئٺ پيرُ نہ ڪڍُ!

○

ٻاڙا ٻي ٻاڙا
سانجهيءَ سِڄُ ڇُپي ويو
ڪراچيءَ ماڙا.

○

چڻ هُوءَ وڻ تي نانهہ
چڻ اوچي آڪاس ۾
آهي نيري چانهہ!

○

Gul Hayat Institute

گهڙيءَ لاءِ ڪِڙي
ڪيڏا گُلّ ڇٽن پيا
پتيون پتيون ٿِي!

○

پرجهي ڪيئن پَرانهِن
پيچ پنيءَ جو پيٺ تان
اُڏري ويئي سانهہ.

○

ڪنهن جا اچڻ سانگَ
وينا لنوَن سِج لٿي
وٽن مٿان ڪانگ.

○

سارو صوبو گهر
اُتر وانگر شاعريءَ
لاڙ، وچولو، ٿَر.

○

هي ماڻهوءَ جا پارَ
ڇا لئہ پينو تو ڇنين
اهڙا گُلّ انارَ؟

○



Gul Hayat Institute

لٿو سِجّ مٿن
ڪنڌيءَ مٿان ٻارڙا
ڪوڙر جنّ هٿن.

○

پائيندڙ پائي
سنڌو راهه رَمي وَئي
اڳتي واجهائي.

○

ڪٿ چٿجي ڪنهن لاءِ
نم جي وڻ پرسان سجي
خالي آهه سَراءِ.

○

Gul Hayat Institute

چانيو سانجهيءَ وَن
جنهن ۾ ناريون سانوريون
چوليون، ڪلفتن.

○

هي جو اوچو بڙ
پاڻ تہ سڙي اُس ۾
سڀ سان اُن جو وڙ.

○

مون جو گهوري مَنڊُ
ڏنو ڪويل ڪُوڪ ڏي
پورنماسيءَ چنڊُ.

○

پپل تان ڪويل
ڪوڪِي ائن جڻ ڪُوڪ آ
پن پن ۾ پويل.

○

گهر ۾ اوسيئڙا
ڇايا ۾َ بہ پارڙا
نِمُون، نوريئڙا.

Gul Hayat Institute

اوچو کَهوءَ وَڻُ
هيٺان هڪ ريڍار سان
آ ڌرتيءَ تي ڌڻُ.

○

سانجهيءَ جي ڪان ڪان
مونکي پتو مُند جو
پيو پکين مان.

○

سدا سائِي ٻير
هي جا گجي سمنڊ جي
ڇڻ ڪا ڦِرِي ٻير.

○

ڪيئي ڪجاوا
ساگر مٿان گج جا
ڪاوا ئي ڪاوا.

○

Gul Hayat Institute

رات رتي آهي
چڻ ڪائي آڪاس ۾
مَڌ متي آهي.

○

سِجّ ڪڍيو جئن سِسُ
آرس اوٻاسي ڏئي
جاچيو پنهنجو جِس:

○

چڻ تہ ڪرشمو آ
چنڊ ٻُڏي ٿيَ ڪونہ ٿو
گهرو چشمو آ!

○

Gul Hayat Institute

ڪيڏو پڙهان ٿو
اڃان پيو چنڊ ڏِي
چاڙهي چڙهان ٿو!

○

ان جو ناهہ جواب
آئي مند بهار جي
رکيو آنءُ ڪتاب.

○

هيءُ سَرو سامانِ!
ڪالهہ هيو اڄ ڪونہ آ
ڇا آهي اِنسان!

○

ڇوليون تہ ناهن
ڇڙ تہ ڪروڙين پيڙيُنِ
ڳُلّ ڪيا آهن؟

○

Gul Hayat Institute

من مونجهو آهي
هي توکي تقدير ڇو
اڄ سونجهو آهي؟

○

مينهن
ڪٽيون

هيءَ پري بازار!
ڇاجي لاءِ هليو وئين
ايڏي ڏُور ديار؟

○

ڪيڏي يار تڏي
آهين وَيو اوچتو
ڪهڙيءَ لوءِ لڏي؟

○

بَس ڪر، هاڻ نہ لِک!
آخر هُن کي ڇا مِلَيو
ڪجهہَ غالب مان سِک!

○

Gul Hayat Institute

وارياسي اَوُيَڙ...
ڇا آهيَ آڪاس ۾
بادل ڪائي جَڙ.

○

اوچو آ آڪاسُ
وليون اُن کي ڪئن پُڄن؟
پهچي ويو واسُ.

○

ڏوڙئي ۾ مٽي،
آ تنهنجي ائن موت ۾
صورت اَڻ چٽي!

○

ڌرتي منهنجو ديس
جڏهن سارو آڪاس آ
مون تي منهنجو ويس.

○

Gul Hayat Institute

جڏهن جاڳين، تڏهن خوابُ
ڌرتيءَ تان اڏري ويو
جڻ ڪو تيز عقاب.

○

”چو چرڪين ٿو تون؟“
”ماڪَ لڳي ٿي گاهہ تي
نانگن جون اکڙيون.“

○

ماري هرڻيءَ ڪَڏَ
لِڪي لڪا ڪينڪي
واريءَ اندر وِڏ.

○

ڪوتہ اُپائٽهارُ
ٿورو سوچ تہ ڪنهن هٿان
جوڙ، اهو جنسارُ.

○

Gul Hayat Institute

هِن جا ڪهڙا ڏَسَ
هي جيڪو نقاد آ
گورڪنن جاگس

○

آئي آهي ڪِيرَ
هلڪا جنهنجا ٿا هُرن
ڇيهي جهڙا پيرَ؟

○

ٿا ڦڙن ڇوڏار ڏڻ
مند آهي مينهن جي
جهنگ ۾ ديوين وَڻ.

○

آشياني ڏانهن باز
نانهہ اوندهہ ۾ ويو
موت ۾ گيسو دراز.

Gul Hayat Institute

○

زندگي ڪيڏي نہ گُهلَ گهل،
ڪوڪ ڪويل!

○

جي نہ آ خوفِ خدا،
سڀ رَوا.

○

آدمي پنهنجي گهرن،
ڇو مَرن؟

○

واهَہ جو تنهنجا بيان!
ڪيڏي ڇٽسالي ڪئي
آهہ گولين جي نشان!

○

Gul Hayat Institute

ڪتيءَ جي آڪاسَ ۾
اُپَّ ڪئي ٻُڏتَر،
آڇيري نينگر.

○

اي جناب!
زندگي ساري گناهُہ
شاعري ساري ثواب!

○

ماءُ تو
ان لئہ ڄڻيو هو؟
زندگانيءَ جو ڏچو!

○

ڪيترا گل مهر جاہ
واءُ گُل
ڇاڻي ڇڏيا!

○

Gul Hayat Institute

دور تان تنهنجا ٽڙا
جڻ لڳن ٿا
ڏنيرا!

○

چنڊ پائي ڪيم خواب،
بادلن مان
لاجواب!

○

موت جئن خانہ خراب
جو ائين گهر تڙ ڇڏي،
ماهتاب.

○

عمر خوابُ
واهہ ۾ وهندو وڃي
جئن ماهتابُ.

○

Gul Hayat Institute

دور تي گهوڙي سوارُ
لاش ڪيڏا،
اقتدار!

○

آ سچو جنجال تو وٺ
ڇا نہ بيت المال آهي
بيت منهنجا مال تو وٺ.

○

رات واسو خوف جو
اڄ گهرن ۾ ٿو ملي
ڇڻ ڪلاشنڪوف جو.

○

ڇڻ وڏيندا هو وٽن،
هن زماني ۾ ڪهاڙيون ٿا ڪٽن!

○

Gul Hayat Institute

هي پڄيرو ۾ عوامي انقلاب،
تيز جئن تقدير هن جي،
ايترو، اُن ڪان شتاب.

○

سنڌڙي تو ۾ هيون
جيٽ جي هن دور ۾
بيل گاڏيون!

○

هاڻ، ڪئن چئجي هتان
ڪوئي دهشت گرد يا
ڪوئي رينجر آ پريان

○

ڪيئن چئجي ٿا ڪٿو
موت جي بازار ۾،
زندگانيءَ جو سَٿو!

○

Gul Hayat Institute

وهنجندي،
ڪائي ناري فرش تي
مينهَن ۾ جئن گُل ڪِڙي.

○

سامهون سوپاري
مُنهن آئيني جي اڳيان،
ڏندن آڳاري.

○

جاڳُ پنهنجيءَ ننڊ مان
موتُ ٽاڻيدار جو،
ڏِس، حوالاتيءَ هٿان!

○

موت جو مانداڻ آ
ماءُ ڪجهہ ڳولي پئي
ٻار هُن سان ساڻُ آ.

○

Gul Hayat Institute

هُو، ٻنل وردي وجي تي
پر ڪلاشن ڪوفِ پرسان،
آڻَ اڄ ڪنهنجي مجي تي!

○

ذات پنهنجي ڪاڻ نفي،
چنڊ ڪيڏو وائڙو!
رات پر ذڪرِ خفي.

○

راهه تي ويٺل فقيرَ،
جئن وڌايو هٿ ڪي،
چا چيو ٿي راهگير.

○

شام جو حالي حوالي
الغزالي.

○

Gul Hayat Institute

هي نه آهي ڪا سَراءِ
مينهن جيسين بند ٿئي،
آءُ اندر، اڪ لاءِ!

○

اي مسافر ڪيترو
پنڌ سانجهيءَ جو ڪندين
سِجُ آ سَر ۾ ٻُڏو.

○

ڀَؤنڪڻا ڪيئي ڪُتا
نيٺ ٿڪجي، ماٺ ٿي
ننڊ تنهنجي ۾ سُتا.

○

اشتراڪي سامراج
ڪو رڍن جو ڌڻ نہ آ
مارڪس، انساني سماج!

○

Gul Hayat Institute

نثر ٿو تنهنجو وڻي
نظم ڪي مان ڪئن ڇڏيندس
بار ٻيو ڪوئي ڪڻي.

○

چا ٻڌو تو؟
چپ هُيس تلوار وانگر،
داستان گو.

○

تيئن ڪنهنجي؟
هيءَ ٿيهڙ جئن تجوڙي
سيئن ڪنهنجي؟

○

شاعري سان ڪئن جهليندين؟
جو ٻہ ڌمّي ڌار آهي
جنگ ٿيندي جنگ ٿيُندي.

○

ٿا ڪِرا ماڻهو ڪٽڻ
ڪنگ جسرت مان پيا
سَر سُڪي ڪي ڄڻ ڏسن.

○

Gul Hayat Institute

ڪيستائين هي پڙاڏو
لڙڪڙائيندو وڃي ٿو
آهي توڙي روھ آڏو.

○

ڪيستائين هي چُڪي؟
وقت! هي تنهنجي ندي
نيٺ وڃڻي آ سُڪي.

○

سانت ڇيري
گھنڊ چاچا
منهن انڌيري.

○

Gul Hayat Institute

چانڊوڪي تيستائين ڪٿي ويھ تون
لوھ پيئي لڳي، ڏينهن ناري تہ وڃ!
سچ پهرين لهي پو جهڳي پيھ تون!

○

ڪٿئن وساري بنسري
شيام! مون پنهنجي ڪٿيَ؟
ڇا وڃائيندڙ وري؟

○

ديد منهنجي تي ڏسي
هو فلاحي مملڪت
دور جُهڙيِ ناروي.

○

منهن انڌيرو، رات پاڇا
دور تائين ٿا وڃن اڄ
سانت ڇيري گهنڊ ڇا ڇا!

○

آ اڃان ڪجهه آس ۾
ڏس ڪڪر اجرڪ ڍڪي
ٿا اچن آڪاس ۾

○

Gul Hayat Institute

هي رونبي ۾ پنوهاريون
خاموشيءَ ۾ گيت ڳڍي ويا
جهونجهڪڙي ۾ جيئن ساريون.

○

ڪيستائين هي قطارون؟
ايترو آهن اڇوتيون
ڪونج! اڄ تنهنجون نِهارون!

○

پل تہ وجهہ تون ست رڇي
سمنڊ ڪي ڳولي پئي
پو بہ مڇلي گهر مڇي.

○

Gul Hayat Institute

لونءَ ۾ لهڪن پيا
زلف تنهنجا رات جو
مُشڪ جئن مهڪن پيا.

○

سار ڪٿن سگھندينءَ چِني؟
هي سک جو وائرو،
راتڙي.آهي پني!

○

چار دن جا ڇهڇها
بزم ۾ هوندا اٿين
ڪيستائين ٽهڪڙا.

○

جيئن سندءِ رخسار يارَ
ڪيستائين هي گُلاب
ڪيستائين هي انار؟

○

Gul Hayat Institute

آهه توڙي روهه آڏو
لڙڪڙائيندو وڃي ٿو
ڪيستائين هي پڙاڏو؟

○

دورُ هوندي دُور ناهين
اوءِ منهنجي مورتي
دور مون کان مورُ ناهين.

○

عشق جو اظهار مون
چو نہ کلهہ توسان ڪيو
چو وڃايو پيار مون.

○

مان اگر ميهار آهيان
گهيڙ آ، گهڙندي تہ مرندي
هيل سُهڻيءَ کي بچايان؟

○

ڪجهہ تہ تون ڳائين پئي؟
اڄ ڦٽي ڏيندي جڏهن
وار سلجهائين پئي.

○

Gul Hayat Institute

ننڊ آهي چو ڦٽي
ياد ٿي مون کي اچي
اڄ وري تنهنجي گهٽي.

○

ڄڻ وهاڻيءَ ويل جو
ٿي ڪري سَرسر هوا
ڏس تہ گل رابيل جو!

○

تون پُلي آهين پرين!
مان تہ ڪو ميهار ناهيان
گهيڙ ۾ چوٽي گهرين؟

○

Gul Hayat Institute

ٿي گهٽائن مان اَچين
اڄ اِتر جي پار کان
تون هوائن مان اَچين!

○

چانو ٽالھيءَ جي ھُئي
عاشقي ڄنھن ڄاءِ تي
ڪالھہ توسان ٿي ھئي.

○

گيت تنھنجو گُھور مان
(آءُ بلي شاھہ آھيان)
ٿا وڄن تنبور مان.

○

چڙ شفق ۾ ٿو ڪھين
زندگيءَ جي شام ۾
سِڄ وانگر ٿو لھين.

○

يادگيريون ٿيون ٻچن
ڳالھڙيون لاھور جون
ياد ھَرھَر ٿيون اچن.

○



Gul Hayat Institute

نِمَّ هيٺان ننڍ ڏَڻ جي
ڪيتري پياري لڳي!
ڏزتتيءَ ۾ چانوَ وڻ جي.

○

هيءُ چارڻ چَنگ آهي.
جهٽ لڳي، تارا پٽي ويو
ڪيترو اڙٻنگ آهي!

○

لهي سُورج اُجهامي ٿو
شفق آڪاس ۾ آهي
پکي ڪوئي اُڏامي ٿو.

○

ڏينهڙا ڪٿن تا لهن
ماڪَ وانگر لُڙڪ اَڄ
رات جو چا تا ڪَهن؟

○

Gul Hayat Institute

اجان پرندين پيو پَونرا؟
لڳي تي لُڪ ٻپهري آ
اچي ويا ٻنڊ ۾ ڏونرا.

○

دوُر تان تنهنجي پُڪار
عمر ڀر ايندي رهي
ترس ٿورو، ڏيرُ ڌار.

○

”چئو نغازي چوٿَ آهيان
تَون ڏڇين ڪنهن ڪان پيو ٿو
آنءُ تنهنجي اوٿَ آهيان.“

○

Gul Hayat Institute

”موت ڪي تون مات ڏيندين
ڪجهہ اجان ڪَرڙو اٿيئي
پوءِ ايندين، پوءِ ايندين.“

○

موت وانگر مَڇَّ آهي
شاعري تنهنجي ايئن جئن
مورڙئي جو رَڇَّ آهي.

○

ڪپر تون؟ ڇا لاءِ آهين؟
تو سچاتو پاڻ ناهي
دور ٿو ڪيڏانهن ڪاهين؟

○

واهه ۾ پاڇو ڏسينَ ٿو؟
ساڻ هُن سان آهه وڻ جو
تون تہ لهوارو لُڙهين ٿو!

○

Gul Hayat Institute

هي نہ متارن هَنڌُ
ويٺي آهي ماٺ ۾
موڪيءَ ڪُٺو منڌ.

○

ڪمري ۾ پوسٽ
اُڏري آيو در منجھان
ٻاهر ڪان پوپٽ.

○

ڇِت جنهن ڪي ڇائِت
اَڄ چو آئي اوچتو
سا چوڙيلي ڇِت.

○

آن ۽ اڪيلو گهٽُ
توڙي ڪندا ٻاٻُرا
پَٽُ لڳي تو پَٽُ.

○

Gul Hayat Institute

آهي سانجهي تي
اُڏري تو آڪاس ۾
هيڪڙو پنڇي.

○

هاڻي هوڏ نہ هٺُ
ڪوئي ساٿ نہ سنگ.آ
مان ۽ منهنجو مَٺ.

○

هاڻ رڳو گونجون
توليون ٿي اُڏري ويون
ڪَرڪي سپ ڪُونجون.

○

ڳولي ڪير لهي
سارس ٻوليو ٻَرپرو
وچ ۾ واهہ وهي.

○

ڪاريءَ اُس ڪَڙهي
اُرهہ نہ ماپي ڪانچوئو.
جئن هوءَ پِٽ چَڙهي.

○

Gul Hayat Institute

هي سجي ڳِهٽيِ
اُتر واءُ لڳي پيو
اُڏري ٿي مِٺي.

○

ڏور جبل جيڏانهن
ڪونج ڪريڙي اوچتو
اُڏري وئي ڪيڏانهن؟

●

ڪيئن ڪِدايان ڪنڌ
ڏونگرَ ڏينهن لهي ويو
پوءِ به نہ پڳو پنڌ.

◎

Gul Hayat Institute